# ليکراج عزيز

اي. جي. اتم

# Lekhraj Aziz
By
A. J. Uttam



www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

باب (١)

# ٻالپڻ ۽ جواني

پروفيسر ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي، سنڌيءَ جو اهو
يگانو اديب هو، جنهن نظم توڙي نثر ۾ ڪماليت حاصل
ڪئي هئي. هن سنڌي ادب جي انهن ٻنهي شاخن کي
برابر اوج ڏني، ان ڪري هو ٻنهي نظم توڙي نثر جو نرالا
هو. هو ٻڪي اڌ صدي سنڌي ساهت تي ڇانيل رهيو- ٢٥
سال آزاديءَ کان اڳ ۽ ٢٥ سال کن آزاديءَ کان پوءِ.

ليکراج ”عزيز“ هڪ اعليٰ شاعر سان گڏ، اهم مضمون نگار،
تنقيد نگار ۽ ناٽڪ نگار به هو. هو وڏو عالم ۽ زبان دان پڻ هو.

ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي ١٩ نومبر ١٨٩٧ تي حيدرآباد
سنڌ ۾ ڄائو هو. هن جو جنم هڪ ٻرک عامل خاندان جي
زميداري ڪٽنب ۾ ٿيو. ان زماني ۾ ١٩ صديءَ جو آفتاب
آخرين ٽپي ڏيئي غروب ٿي رهيو هو. ويهين صديءَ جو
سج پاڻ سان علم ۽ عقل، ادب ۽ تهذيب جي هڪ نئين
روشني کڻي آيو، جنهن سنڌي جاتيءَ ۾ جيوت ۾ جنمي
انقلاب آڻي ڇڏيو.

ان سمي انگريزن سنڌ تي سوپ حاصل ڪئي، اڌ
صدي به گذري ويئي هئي. ١٨٥٧ جي آزاديءَ جي جنگ ۾
جيت ملڻ بعد انگريزي راڄ جون هندستان ۾ پاڙون پختيون
ٿي چڪيون هيون. انگريزي حاڪمن پاڻ سان گڏ جيڪا

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# باب (۲)

# شاعريءَ جو شوق

ليکراج ڪشنچند جي شاعري صحيح معنيٰ ۾ ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ئي شروع ٿي، جڏهن انکي کيس پروفيسر ايرانيءَ جي صحبت ملي. هن مٿس شعر و شاعريءَ جو ذوق ڏسي ”عروض سيفي“ ڪتاب پڙهڻ جي صلاح ڏني. ليکراج اهو ڪتاب همٿ ڪري پنهنجي روءِ سوءِ اڀياس ڪيو. ان ساڳئي وقت ڪاليجي زماني ۾ هنکي مذهب جي ميخ لڳي جنهن کيس زندگيءَ جي ڪتاب جو مطالعو به ڪرايو.

ان سان گڏ کيس اسڪولي جيون ۾ ئي پنهنجن هم-ڪلاسين ۽ اوڙي پاڙي جي يارن دوستن جي شاعراڻي صحبت به ملي هئي. هو پاڻ ان زماني جي سنگت جو ذڪر ڪندي ”ڪلهه جي ياد“ ڪتاب ۾ لکي ٿو: ”مونکي ياد آهي ته ٽئين انگريزي درجي ۾ (يعني ۱۲-۱۳ ورهين ۾) مس قدم رکيم ته مونکي شاعريءَ جي صحبت کان لطف اندوز ٿيڻو پيو، جي پنهنجا ۽ پراوا شعر پڙهي مونکي محظوظ (خوش) ڪندا هئا ۽ پاڻ ۾ خوشيءَ ۾ ٿوليا ته سمائبا هئا. انهن شاعرن مان قاسم ۽ بشير قابلِ ذڪر آهن (جيڪي سندس سرلا هئا) هو ٻئي فارسي جو معمولي علم رکندا هئا. مگر واصف سان ڏاڍيون چڪريون کائيندا هئا. واصف

۾ ڪليات عزيز جي صورت ۾ پنهنجا ٻه جلد ڇپائي نروار ڪيم."*

ليڪن عجب اهو جو ١٩٣٨ ۾ ڪليات جي ڪلام شايع ٿيڻ کان اڳ، عزيز پنهنجا ٽي وڏا ناٽڪ ڪمار اجيتسنگهه (١٩٣١)، غريبان مار (١٩٣١)، مسٽر مجنون (١٩٣٣) هڪ ٻئي جي پٺيان ڇپائي ۽ اسٽيج تي پيش ڪري ناٽڪي دنيا ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو هئائين.

---

* ٽسو سنڌي ناٽڪ صدي سوونيئر (١٩٨٠) حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

باب (٣)

# ناٽڪ نويسي

ليکراج عزيز ١٩٣١ع کان ٽن سالن ۾ هڪ ٻئي پٺيان وڏا ناٽڪ ”ڪمارا جيت سنگهه (١٩٣١) غريبان مار (١٩٣١) مسٽر مجنون (١٩٣٣)“ لکيا ۽ اسٽيج تي پيش ڪيا. انهن ٽنهي ناٽڪن جي ٻولي نهايت سليس ۽ سڀڪ سنڌي اصطلاحن سان ڀرپور ۽ عبارت اهڙي سنڌي سنئين سهڻي ۽ دلڪش دلچسپ آهي جو عجب ٿيو لڳي ته انهن ناٽڪن لکڻ کانپوءِ عزيز ۾ اهڙو ڪهڙو ڦيرو آيو جو ”ڪليات عزيز“ (١٩٣٨) ۾ گهڻن هنڌ سخت ڏکي پارسي ۽ عربي آميز ٻولي ۽ عبارت ڪم آندي اٿس. ”مسٽر مجنون“ ناٽڪ ڄڻڪ آڏواڻيءَ جي شراڪت سان جوڙيل هو. جيڪو پوءِ ٻمبئيءَ ۾ وڏو فلمڪار ٿيو هو.

انهن ناٽڪن جي ڪاميابيءَ بابت خود عزيز جي همعصر اديب ۽ دوست پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي ”سنڌي نثر جي تاريخ“ جي گرنٿ ۾ لکيو آهي، ”ليکراج، پنهنجو شاعراڻو قلم ناٽڪ نويسيءَ ڏي به خوب هلائيندو هو. هن صاحب ٽي سٺا ناٽڪ لکيا. سندس پهريون ناٽڪ ”ڪمار اجيتسنگهه“ (١٩٣١) راجپوت تاريخي کيل هو، جو اسٽيج تي چڱيڙو پينو هو ته سندس ٻيون ناٽڪ ”مسٽر مجنون“....

٩ ليکڪن جا ٻه مضمون ڏنل آهن. "سنڌو" مخزن ان مجموعي جي سمالوچنا ڪندي مارچ ١٩٣٣ واري پرچي ۾ لکيو هو، "ڪتاب خاص ڪري اسڪولن جي مٿين درجن جي شاگردن لاءِ ... ڇپايو ويو آهي ۽ تعليم کاتي .... منظور ڪيو آهي ... ڪتاب جي ليکڪن چونڊ ۾ عقل کان ڪم ورتو آهي ۽ ليکڪ به گهڻو ڪري اهي آهن جن جو نوجوانن جي دلين تي قبضو آهي."

عزيز انهن ليکڪن مان نه رڳو هڪ هو پر مکيه مضمون نگار هو، جنهن جا ان درسي ڪتاب ۾ چار مضمون هئا. ان مان عزيز جي، هڪ مضمون نويس طور به مقبوليت ظاهر آهي. انهن مضمونن جي ٻولي محاوريدار ۽ مانائتي آهي ته عبارت به عالماڻي ۽ ادبي آهي؛ پر آهي سليس سنڌيءَ ۾.

انهن مضمونن ۽ ناٽڪن لکڻ سان ليکراج عزيز، چوٽيءَ جي نظم نويس سان گڏ، هڪ ڪامياب نثر نويس به، ثابت ٿيو. ليڪن هڪ نظم نويس طور ئي هن جو درجو سنڌي ادب ۾ يگانو رهيو آهي، جيڪو هن ١٩٣٨ ۾ "ڪليات عزيز" جي ٻن ڀاڱن جي شايع ٿيڻ بعد ئي حاصل ڪيو.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

## باب (٤)

# ڪليات عزيز

ٽيڪراڄ ”عزيز“ جي ڪلام جو پهريون مجموعو ”ڪليات عزيز“ ١٩٣٨ع ۾ شايع ٿيو. ان جي پهرئين ڀاڱي ۾ غزلن جو ديوان ۽ ٻيون صنفون هيون ته ٻئي ڀاڱي ۾ ”مصر جي واٽي“ ۽ ”ڪيمياگر“ نالي ٻه مثنويون هيون. ان وقت سنڌيءَ ۾ شاعرن جا ٧-٨ ديوان مس ڇپيل هئا.

ڪليات عزيز ۾ جيترن گهڻين صنفن ۾، جيترو گهڻو گوناگون ڪلام هو ۽ جهڙي ٻوليءَ ۽ عبارت ۾ هو، تنهن هن شاعر کي پنهنجي سڀني همعصر شاعرن کان نرالو ڪري بيهاريو. ان ۾ به غزلن جو ديوان اڳين سڀني ديوانن سان برابري ڪندڙ هو ته سنڌي غزل ۾ به اضافو ڪندڙ هو.

ائين آهي ته ڪليات جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ، به عزيز جو ڪلام نه صرف مشاعرن ۾ داد حاصل ڪندو هو پر مئٽرڪ تائين سنڌي درسي ڪتابن ۾ به جوڳي جاءِ حاصل ڪندو هو. انهن ڪتابن ۾ هن جي واقفيت ڏيندي سندس شعر کي ”نهايت پختو ۽ دلچسپ“ ۽ ”برجستو ۽ موزون“ ۽ ”بي بها“ ۽ ”رواني ۽ جدت“ وارو سڏيو ويو.

ٻرڪ شاعر محمد صديق مسافر ۽ اسد ولد قليچ بيگ پنهنجي مرتب ڪيل مجموعي ”گلشن خيال“ (١٩٣٦) ڪتاب ۾ لکيو، ”مسٽر ٽيڪراڄ ڪشنچند ميرچنداڻي جنهنجو تخلص

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

## باب (۵)

# ادبي مضمون نويسي

ڪليات عزيز جي اشاعت کان اڳ ۾ يعني ۱۹۴۱ ۾ ليکراج ڪشنچند جي مضمونن جو مجموعو "ادبي آئينو" شايع ٿيو جنهن کيس مضمون نويسن جي اول صف ۾ آڻي بيهاريو. هن کان اڳ عزيز نثر جي هڪ اهم شاخ ناٽڪ نويسيءَ کي اوج ڏني هئي ۽ ۱۹۳۱-۱۹۳۳ واري دور ۾ هڪ اٺن پنجن ٽي نفصلا وڏا ناٽڪ لکي ۽ اسٽيج تي پيش ڪري پاڻکي سليس ۽ سٺي سنڌي لکندڙ سٺو ناٽڪ نويس ثابت ڪيو هو. ان زماني ۾ ئي هن مضمون نويسيءَ تي به قلم هلايو هو. سندس مضمون درسي ڪتابن ۾ به اچڻ لڳا هئا، جيئن اڳيئي پڙهايو ويو آهي. انهن مضمونن جي به سنڌي ٻولي ۽ عبارت ناٽڪن جي ٻولي ۽ عبارت وانگر سليس هئي.

"ادبي آئينو" ۾ ۲۹ گوناگون موضوعن جا مضمون هئا. انهن جي ٻولي معنيدار ۽ محاوريدار هئي ۽ عبارت ادبي ۽ عالماڻي هئي، جنهڪا سنڌي ۽ پارسيءَ جو مٺو ميلاپ آهي. هيءُ ڪتاب نه صرف پنهنجي زماني ۾ پر اڄ به سنڌي مضمون نويسيءَ کي اوج ڏيندڙ هڪ اهم اضافو ليکجي ٿو. ان وقت کان ورهاڱي تائين "ادبي آئينو" سان ڀيٽجندڙ مضمونن جو مجموعو اڃا ٻيو ڪو

مضمون نويسيءَ جو هڪ يادگار مجموعو آهي. اهو شاعر عزيز کي جديد مضمون نويسيءَ جو هڪ ارمانا سڏ ڪري ٿو. ان ۾ هو حقيقت پسند وڌيڪ ۽ رومانيت پسند گهٽ آهي.

پروفيسر پوجراج ٽاگراڻيءَ ٺيڪ ئي لکيو آهي ته ''اديبي آئيني ۾ هن سنڌي نثر کي چومت ئي آندو آهي. ٻولي سهڻي ۽ نزاڪتدار، خيال عالماڻا ۽ شاعراڻا، درياهه واري رواني، خيالن جي ڳت ۽ اونهائي- هي سڀ وصفون سندس نثر کي اوچ درجو ڏين ٿيون ... مضمون جي گوناگونيت جي خيال کان ''عزيز'' پنهنجو مٽ پاڻ آهي. قليچ بيگ چاهي کوڙومل، اجواڻي هجي يا ٽاڪرام ميرچنداڻي، ''عزيز'' هردلعزيز آهي. سندس رنگين ٻوليءَ لي ضابطو، مضمون جي ورچ، کيس سنڌي مضمون جي ميدان ۾ ممتاز جاءِ ڏين ٿا.'' *

---

* سنڌو ڌارا هفتيوار - ١٢-٩-١٩٧١

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

## چار شعري مجموعا

اَدبي آئيني جي شايع ٿيڻ کانپوءِ ليکراج عزيز جي شعرن جا هيڪ ٻيا پنهنجا چار مجموعا نڪتا (۱) گلزار عزيز (۲) شاعراڻي شمع (۳) پڇتاءَ جا لڙڪ (۴) پيغام عزيز. پهريان ٻه مجموعــا شاگردن لاءِ هئا ۽ ۱۹۴۴ ۾ ڇپيا هئا ته سرڪاري اَدبي صلاحڪار بورڊ جو انعام به حاصل ڪيو هئائون ۽ پويان ٻه ۱۹۴٦ ۾ شايع ٿيل هئا.

اِهي چئني ئي مجموعن جي ٻولي ۽ عبارت ڪليات عزيز جي ٻوليءَ ۽ عبارت کان گهڻي سولي ۽ سليس هئي. اهو عزيز ۾ هڪ وڏو ڦيرو هو، جيڪو ”اَدبي آئيني“ جي نثر جي سولي ۽ سليس ٻولي ۽ عبارت جو نتيجو ٿي لڳو ته اُن وقت ۽ حالت جو اثر به هو.

اِن ڪري ئي گلزار عزيز جي مهاڳ ۾ عزيز لکيو ته ”جيئن زمانـــو ڦرندو رهي ٿو تيئن اسان جي خيالن ۾ به تبديلي اچي ٿي ۽ شعر به پنهنجا نوان رنگ روپ اختيار ڪري ٿو... مٿس وقت جي سچيتا جو اثر ضرور پوي ٿو جو هو عالمگير برادريءَ جو هڪ فرد آهي. اهو زمانو جڏهن عام ۽ خاص ماڻهو تصوف جي پيچيدن مسئلن جا شائق هئا ۽ رندانو ڪلام وڏي شوق سان پڙهندا ۽ ٻڌندا هئا، تنهن ۾ گهڻو ڦيرو اچي ويو آهي. اڄڪلهه اڪثر اهو شعر مقبول ٿوي

٢- تاج شاهن جو لهي جلد لٽن ۾ پوندو
چرخ اعليٰ تي مڪين شان - غريبان ٿيندو.
٣- پيڪسي ويندي مزورن جي گهرن مان اڪري
گڏجي دولت جو ڍڳي ديس جو دهقان ٿيندو.

ورهاڱي کان اڳ آزاديءَ جي وقت تائين پيغام عزيز جهڙو شاعراڻي خوبين سان ٺمٽار، قومي ڪلام جو مجموعو ڪو ٻئي ڪنهن شاعر جو شايد ئي شايع ٿيو هو. انھ هن لهڪ ئي چيو آهي:

”شاعري ملڪ ۽ ملت جو سدارو ٿيو عزيز
ڪم اچي قوم ڪي جو اهڙو سخندان ٿي وڃ.“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

## باب (٧)

# سليس ۽ سنڌيت جو ڪلام

١٩٤٧ ۾ ڀارت آزاد ٿيو. پر انجو ورهاڱو به ٿيو. ان وقت تائين ليڪراج عزيز پڪي عروضي شاعريءَ جو استاد ۽ عالماڻي نثر جو هڪ نرالا سڌ ڪيو. ورهاڱي بعد هو مجبورن پنهنجي جنم ڀومي سنڌ ڇڏي هند آيو. هن ٻنهي شاخن نظم ۽ نثر تي قلم هلائڻ جاري رکيو ۽ ٻنهي ۾ پنهنجو هڪ نئون روپ پسايو.

نظم ۾ عزيز سنڌيت جو علمبردار ۽ حقيقت جو چترڪار ۽ نثر ۾ هڪ سخت تنقيد نگار (سخن دان) ۽ ٻوليءَ جو ماهر (زبان دان) بڻجي پيو. نظم جو نئون روپ عزيز جي ٽن مجموعن آبشار (١٩٥٣)، صراحي (١٩٦٣) ۽ سوز و ساز (١٩٧٠) مان نروار ٿئي ٿو ۽ نثر جو نئون روپ گل و خار (١٩٥٦)، سامي (١٩٦٥) ۽ سنڌي اصطلاح (١٩٧٦) مان نظر اچي ٿو جنهنجو ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو.

عزيز جي سنڌيت لاءِ سڪ پنهنجي وطن جي وڇوڙي مان اٿاهه ساگر بڻجي نڪتي. هو "ڪلهه جي ياد" ۾ پنهنجين يادگيرين ۾ لکي ٿو، "هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي جدائي مونکي ڏاڍي ڏکي لڳي. مون انهي ڦوڙائيءَ جا سوين سوز ڀريا داستان ڇپيا آهن." اهڙي ئي لهجي ۾ هو "آبشار" جي مهاڳ ۾ چوي ٿو، "سنڌ کان



www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

قافين سان ڇا ته زماني ۽ ملڪ جي حقيقي تصوير ڪشي ڪئي اٿس. ٻهرين غـــزل ۾ ١٥ ۽ ٻئين ۾ ١١ ۽ ٽئين ۾ ٩ شعر آهن، جي سڀ معنيٰ آفرينيءَ وارا آهن. ڪي ڏسو:-

١- هاءِ ٻهڳجن ۾ آءِ ڀاءِ ڪٿي؟
دل سڪي ٿي، هو لاءِ ساءِ ڪٿي؟
هڪ دليري ٿي ٻئي ٻي آڌاي،
ڪهڙا ليکي ۾ پيءُ ماءُ ڪٿي.
ماڻهپي جا لڳهيو پون ليکا،
دل گهري هڪ لڳي جي داءُ ڪٿي.

٢- اُن وطن جا سڪن ٿا وڻ ساوا،
جن اي ٻي ٻـاڙي پيو ٿي ڪومت آهي.
ديس جي هيءَ ترقي آهي ڪيئن؟
ڇو ڇڙهي هرڪا جنس ڇومت آهي.
پيٽ جي ڀراءِ ٻا نه ڀراءِ پلي،
ڏو ڇو باسيو ته مون ته روهت آهي.
حال هيٺي جو ڪر اُتي چارو،
ٻي اها جو هٿن ۾ ووهت آهي.

٣- لڳهن تي خوف خطرا وات ڦاڙيندا جي اڄڪر ٿيءَ
ڪري پيٽين ۾ تنجي گهر، ويو واٽون ٻڌائيندس.
نه رهندا رهگذر تي خاص حق ڪنهن لاءِ دنيا ۾،
جو هر عشرتڪده کي گهرمان هرڪنهن جو ٻڌائيندس.
اُميرن ۽ غريبن جا مٽائي فـــرق سڀ هيڪر،
جهان اندر سڄو هوڪو مساواتي هلائيندس.

مٿين غزلن ۾ عزيز، جيڪو ديس جي اُنتيءَ جو اولــو ڏيکاريو آهي ۽ غريبي شاهوڪاري جو پيد مٽائي هڪجهڙائي ۽ برابريءَ جي ڳالهه ڪئي اُن مان هن جي ٻون ۽ روشن خيال

۽ ڪٿي سنڌي قافيا ۽ ڪٿي تشبيهون ۽ ڪٿي اصطلاح ۽ محاورا ڏنل آهن.

١- موکي زندگي کپي سا هجي جيڪا پر حقيقت،
موکي ڪاله گهرجي هستي جا فقط خيال آهي.

٢- ڪافر به آهو جاهل ۽ ڪافر به آهو سمجهه،
جو جان جي صدقي ڇڏي ايمان کي پنهنجي.

٣- سچ پچ ته پڙهڻ کان ٿيو صدبار ڪڙهڻ بهتر،
سو خام اڃا ڄاڻجي جو ڪين ٺريو آهي.

٤- ڪوڙ جي ڪڏ ٽانئين دوڙ آ، سچ ته ايئو اچي،
پاڻي آخر ٿيندو پاڻي، ڪير آخر ڪير آهه.

٥- هلچل حيات آهه ۽ بي حرڪتي ممات،
جيئري مثان مڻن جو ٿئي دم سان دغا ڪريان.

٦- سهي سور آيس، لهي ڪجهه نه ڪجهه،
ذڪر مان ٿي وات آ ٿهي ڪجهه نه ڪجهه.

هي شعر اعليٰ ۽ سليس، سهڻا، معنيٰ ۽ موسيقي پريا آهن جو حرالي طور ڪم اچڻ جهڙا آهن. ڪو ڪو غزل ته سڄي جو سڄو سبق آموز آهي، اُن غزل مان هيٺين شعرن لي قناعت ڪجي ٿي:

١- ناز ڪر پنهنجي ڪارنامي لي،
نه اُبن لي پڏي وڏائي ڪر.

٢- پنهنجا ڏس دل جي آئيني ۾ عيب،
مفت ڪنهن جي نه لائي چائي ڪر.

٣- ظلم عادت نه ڪر، نه ڪر ڪو غضب،
ڪين ناحق جي پنهنجي پائي ڪر.

٤- تنهنجي نالي ٽان سب نثار ٿين،
اهڙي حڪم ۾ اٿي ڪمائي ڪر.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

صراحيءَ جي ڪن غزلن ۾ محبت جو بيان اهڙيءَ ئـــ، سادگي، سمجهيدگي ۽ سچائيءَ سان ڪيل آهي جو دل ڪڍي وٺي ٿو:-

۱- ٻيو جيڏانهن ڪير ٿئي ليڏانهن،
اڪ اُٿيئي نه ڪا، خدا حافظ.

ماٽ ۾ آ عزاز ٿي ٻيئو،
صرحت- التجا، خدا حافظ.

۲- عشق ۾ مت ماري آخر آهه ڪنهن لمهجي عزاز،
ڇو ستم ڪي سمجهين ٿو هڪ ناز معشوقاڻو اچ.

۳- واٽن ٿي وجهي واجهه عزاز آهيون پيا پڌ،
ڪنهن لاءِ ڇو رستن جون ڏزون خوب ڇنيون ٿا.

۴- پرت ۾ پاڻ ڪو پلي نه سهين،
همت سان پمهنجو جگر ملي نه سهين.

۵- ڇڏيو، هنجي نه جي مون سان ٻٽي آهه،
هو آ پيارو جي ڪهڙو ٻي ڪٽي آهه.

۶- هـو دڪيءَ ٿي ڪڙو دلدار اڙي مان صدقي،
در ڪلڻ جي هٽي درڪار، اڙي مان صدقي.

صراحي جي نظم واري حصي ۾ نه، انتم ام، ٿئين تهذيب، هيراباد، سنڌي زبان انهايت اهم ۽ لون خيالن پـا سنڌيت جي جذبن سان ٽمتار آهن ۽ عزاز جي قلم مان نڪتل اهـم ڪلام آهي. شاعر، انتم ام جي ڪري دنيا جي لباهي جـو چتر چٽيندي آخر ۾ اپيل ٿو ڪري:

دنيا جا مدبر! اچ ڪجهه پمهنجون اکيون کوليون،
ليڪن جي صلحن ٿي ڪا واٽ پڇي ڳوليون.
سڀ فرق ڪيو دل مان، شڪ جا نه سخن ٻوليون،
قهار متان ٻڇو عالم ڪي متان رولين.

لپيءَ خلاف وارن کي ٻوڙو ڪونه ڪان نٿو ھٻڪي. چوي ٿو :-

1- جڏھن ۾ نه وطن لاءِ ڪو احساس آھي،
سو ڏيل، ٻيا روح جي ٿيو راس آھي،
مردار ڏٺو ڪڏھن ڪو ھلندو چلندو،
حيرت! جو ھيءَ رفتار ۾ ھڏ ماس آھي.

2- اڄ ڪاڻي وطن جو نه لرانو ڇا ڪندين؟
ٿيو ڪن ۾ ڪجھ ٻيل زمانو ڇا ڪندين؟
صد حيف! اڃا سنڌي لپيءَ لي رولو،
ٻوڙن کي ٻڌائي ڪو فسانو ڇا ڪندين.

ھيئين ءَ رباعي ۾ تدبير جي عظمت ٻڌائڻ سان گڏ
عقل، عمل ۽ ألتيءَ لاءِ به اشارو ڪري ٿو:-

دنيا ۾ رکي آھه جي تقدير پلا،
سا راھه ڇو تدبير جي ڪن، وير پلا.
ڏس، يار! ڪڏھن ڪرف کي ڪولي ٿي مگر،
ڪيئن پنجي، نه ھمت چوري جي تدبير پلا.

صحيح انسان ۽ اخلاق لي ھي ٻه اصطلاحي رباعيون
پنھنجو مٽ پاڻ آھن:-

1- جا سڪڻي ڪني آ، سا اڀامي ٿي گھٽو،
جا جنس خسيس آ، سا وڌامي ٿي گھٽو.
مولي ٿو رھي ٻھر ۾، ڪک اُڀجي مٿان،
ٻي ميوھ نه ھر شاخ اُڏامي گھٽو.

2- ڪائي نه ڪرڻ ڪار، ڪرڻ سک ٻھرين،
دريا ۾ گھڙڻ چاھين، ترڻ سک ٻھرين.
ڪڏھن آھي آزمودي ري ڪجھ پاتو؟
ٿين پاھه، اڳي تڏھن کان ترڻ سک ٻھرين.

ھن ٻنھين رباعيءَ جي چئن مصراعن ۾ سلمس لفظن ۾

ڪٿي ويندين، جو نه ڄاڻن ٿي سڄاڻ؟" ٻئي نظم ۾ وري زندگيءَ کي ٻهاڙو ۽ "مايا جو ٿي کيل" به سڏي ٿو. جڏهن صراحيءَ ۾ به ڪن هند ساڳي گفتار ڪري ٿو. اهڙن ڪارڻن نه عزيز ٻچاڙيءَ ۾ به ٻاٽڪي روماڻيت ۽ ويدانت پسند رخ ڏانهن آڇو ڪري نه سگهيو. پر نه به حقيقت پسنديءَ ۽ عقليت پسنديءَ اوسار هو پنهنجي ڪلام کي زماني ۽ عوام موافق معنيٰ پرلو بڻائيندو رهيو.

باب (٨)

# سخن دان ۽ زبان دان

لئکراج عزيز، ورهاڱي بعد ڀارت ۾ جتي نظم ۾ سنڌيت ۽ حقيقت جو چٽو سليس سنڌيءَ ۾ پيش ڪيو، اُتي نثر ۾ هن هڪ ڏکي تنقيد نگار جو روپ ڌاريو. هن پنهنجي سخن دانيءَ ۽ زبان دانيءَ سان گمراهن جي رهنمائي ڪئي.

هو جڏهن بمبئيءَ ۾ آيو تڏهن کيس ڪي. سي. ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ پروفيسريءَ جي آڇ ٿي جا هن قبولي. عزيز کي اُن عهدي لاءِ ڪا به ڊگري ڪانه هئي. پر هن جي سنڌي نظم ۽ نثر کي ڏسڻ ئي ڪافي هئي. خود سندس ڪلام به بي. اي. تائين پڙهايو ويو هو. هاڻي کيس پنهنجون رچنائون پڙهائڻيون پيئون. اُنهن ۾ سندس همعصر شاعر بيوس (جنهن کي هو پنهنجو رقيب سمجهندو هو) جو ڪتاب ”شعر بيوس“ به هو. عزيز اُن تي ڏکي تنقيد ڪري شاگردن کي چوکون ٻڌايون. اُهي بيوس جي عقيدتمندن جي ڌيان تي آيون.

هڪ ڏينهن هڪ عام ميڙ ۾ بيوس جي شاعريءَ تي وڏو بحث ٿيو. هڪ پاسي هئا بيوس جا پرستار ٻئي پاسي هو اڪيلو عزيز. هن بيوس جي شعر جي فن ۾ ٻولي ۽ معنيٰ جون غلطيون ٻڌايون. اُهي هڪ بيطرفدار اديب ۽ عالم کي نه دل سان لڳي سگهيون ٿي، پر بيوس جي عقيدتمندن

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

اها پڪ ڄاڻجو ته منهنجي آتما ڪانفرنس هال ۾ اوهان جي چوڌاري ڦرندي رهندي. مون کي اوهين اڄ حاضر سمجهجو ۽ منهنجي لاءِ هڪ ڪرسي ڇڏي ڏجو. گڏجي اها آند لنوارجو ته: سنڌي جاتيءَ جو ٻيڙو پار ٿئي.....” *

---

* سنڌو ڌارا هفتيوار، ١٢-٩-١٩٧١

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

## باب (١٠)

# ٻهڳڻي شخصيت

ليکراج عزيز هڪ ٻهڳڻي ساهتڪار سان گڏ هڪ ٻهڳڻي شخصيت جو به ڌڻي هو. هن جهڙي رعبدار شخصيت ورلي ڪنهن ٻئي جديد سنڌي اديب کي هئي. سندس شڪل صورت، اکڙ وڇڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ، لکڻ پڙهڻ، کائڻ پيئڻ، پوشاڪ پهراءُ سڀ مان رعب پيو ٽپڪندو هو، جو ائين ماڻهوءَ لاءِ اثردار ۽ جٽادار هوندو هو. هن جو مٺيادار مهانڊو ۽ فلڪدار قد بت ئي کيس خاص هستي بخشيندڙ هئا.

عزيز رعبدار سان گڏ خوددار به هو. ڪنهن جي به ڪاڻ ڪڍڻ وارو ڪو نه هو. پنهنجي سومان سان سؤدو ڪرڻ نه چاهيندو هو. اصل بي پرواهه بادشاهه هو. نه ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيائين، نه مٿو ٽيڪيائين، نه پلاند پکيڙيائين، نه در پٽيائين. هو غيرت جو مڪمل مجسمو هو.

هن جو همعصر اديب ۽ دوست شري ٽيرٿ ٻسنت عزيز جي شخصيت بابت لکي ٿو.... ”سندس ناهوڪا روش، مردانو آواز، خوددار رفتار، گفتار رعبدار هئا.... هي بي باڪ، غيرتمند، خودي پرور لاطمع شخص هو ۽ سياڻپ حرفت عيوض مغز لي مترڪو هڻڻ ۾ سورهيائي سمجهندو هو. سندس مراد اهڙي مندي نه هئي... هو نڪٽو لڏو اهڙو، مسڪين مزاج ٻچه لٽڪائو ڪو نه هو، جو پنهنجي

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

حقيقي مقصد ماڻي ٿي."* اهـا شايد عزيز جـــي آخرين رچنا هئي.

هِن پيري تـه موت کان صرف ٿورو وقت اڳـي وٽس بنگلا ديش جـــي آزاديءَ لاءِ "سارِيڪا" مخزن طرفان جاري ڪيل ليکڪن جي اپيل تـي صحي وٺڻ لاءِ وڃڻ تيو جـــا نه رڳو خوشيءَ سان ڏنائين ۽ چيائين تـه بنگلا ديش تـه آزاد ٿي ويو، پر اسانجي سنڌ ديش جو ڇا ٿيندو؟ ☆

ان وقت هو گهر ۾ گهٽس لي هـــو تـه به منهنجي ڪاٽڻ لاءِ آچيائين جا مٺي پيشاب جي مرض ۾ مبتلا هـئڻ ڪري نـه پئي ورتم تـه هڪ گوري (جا پاڻ به اُنهي علاج لاءِ وٺندڙ هو) ڏيئـي کلي چيائين: يار منهنجي ڪاءُ ڪجهه نـه ٿيندو، مـــان ڪوله پيو کان، مون وٽان سڪڻو موٽي ڪئين ويندين؟ وڏي وشواس ڏيارياٿين تـه جلدي ٺو بنو ٿيندس.☆ اها هئي هنجي زندهه دلي.

اُئين سنڌي ساهت ۽ جاتيءَ جي هـيءَ يگانِي هستي ١٩- آگسٽ ١٩٧١ تي ابدي ننڊ ۾ وڃي آرامي ٿي ۽ پنيان هڪ امر سرندڙ ياد ڇڏي ويئي.

* نئين دنيا - ڏياري ١٩٧٠ ☆ نئين دنيا - سپٽمبر ١٩٧١

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

## . پروفيسر ليکراج عـزيـز
## جي ڪتابن جي فهرست

| | | |
|---|---|---|
| ١- ڪمار اجيتسنگهه | (ناٽڪ) | ١٩٣١ |
| ٢- غريبان مار | (ناٽڪ) | ١٩٣١ |
| ٣- مسٽر مجنون | (ناٽڪ) | ١٩٣٣ |
| ٤- ڪليات عزيز | (پهريون ڀاڱو- غزلن جو ديوان) | ١٩٣٨ |
| ٥- ڪليات عزيز | (ٻيون ڀاڱو - ٻه مثنويون) | ١٩٣٨ |
| ٦- ادبي آئينو | (مضمون) | ١٩٤١ |
| ٧- گلزار عزيز | (شعر) | ١٩٤٤ |
| ٨- شاعراڻي شمع | (شعر) | ١٩٤٤ |
| ٩- پيغام عزيز | (قومي شعر) | ١٩٤٦ |
| ١٠- پڇتاءَ جا لڙڪ | (ٽي مثنويون) | ١٩٤٦ |
| ١١- آبشار | (شعر) | ١٩٥٣ |
| ١٢- گل و خار | (تنقيد) | ١٩٥٥ |
| ١٣- صراحي | (غزلن جو ديوان ۽ ٻيا شعر) | ١٩٦٣ |
| ١٤- ساهي | (تنقيدي مضمون) | ١٩٦٥ |

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com